german cooperation
DEUTSCHE ZUSAMMENARBEIT

Supported by giz Deutsche Gesellschaft für Internationale Zusammenarbeit (GIZ) GmbH

Individualland
Creating space for the individual

# جونيئر پوليس آفيسرن لاءِ تربيتي مينوئل

# Training Manual for Junior Police Officials

پاڪستان ۾ ڏوهن جي جانچ پڙتال ۽ تفتيشي خدمت جي سڌاري لاءِ مدد (CIS-II)

STRIVING TO SERVE
SINDH POLICE

# جونيئر پوليس آفيسرن لاءِ  تربيتي مينوئل

# Training Manual for Junior Police Officials

تربيتي مينوئل ٽيم اڳواڻ: حور ڪاڪڙ
تربيتي مينوئل ڊولپمينٽ ٽيم: فرحان خالد, سندس سيدا, ريحان علي ۽ انعم باسط.
تعاون فراهم ڪيو: اقبال احمد ڏيٿو صاحب.
ڊزائينر: ڊاٽلائين.

ٽيم اڳواڻ "Support for Capacity Development in Criminal Investigative Services in Pakistan (CIS II) GIZ-CIS II" جي هن مينوئل جي ٺاهڻ ۾ مالي امداد جي سهڪار کي تسليم ڪري ٿي. اسين خاص ٿورائيتا آهيون محترم جناب اقبال ڏيٿو صاحب جا جن مينوئل ۾ نظرثاني ڪئي، ۽ ٽيم اڳواڻ جا سنڌ پوليس سان مشاورتي اجلاس پڻ ڪرايا جيڪي هن تربيتي مينوئل جوڙڻ ۾ بنيادي حيثيت رکن ٿا. جيڪا ڄاڻ هتي فراهم ڪئي وئي آهي اها سنڌ پوليس ۽ ان جي اعلي عملدارن جي خاص توجه کانسواءِ ممڪن نه هئي. بيان ڪيل سڀ مواد جي باوجود، Individualland ڪنهن به قسم جي ڪمي پيشي جي ذميواري قبول ڪري ٿو.

**Individualland**
House 289, Alstonia Avenue
Safari Villas-III,Bahria Town
Islamabad Pakistan
Tel: +92-51-5732791-2
E-mail: info@individualland.com
Url: www.individualland.com

**تعاون:**
**Deutsche GesellschaftfürInternationaleZusammenarbeit (GIZ) GmbH**
Support for Capacity Development in Criminal Investigative Services in Pakistan (CIS II)
Url:www.giz.de

ڇپجڻ جو سال: 2018

وضاحت:
هي اشاعت German Federal Foreign Office (AA) through the CIS II project implemented by the Deutsche GesellschaftfürInternationaleZusammenarbeit (GIZ) GmbH. جي تعاون سان ٿي۔
هن اشاعت ۾ اظهار ڪيل خيالن جو GIZ پاڪستان سان تعلق هجڻ ضروري نه آهي.

# Contents


ڪير هي مينوئل استعمال ڪري سگهي ٿو 3

هي مينوئل ڪيئن استعمال ڪري سگهجي ٿو؟ 3

مينوئل جا مقصد 3

مينوئل جا نتائج 3

مينوئل جو فريم ورڪ 4

تعارف 4

مينوئل جي ترقي 8

1. اهم نقطا 8

2. سماجي نفسيات صنف ۾ شامل مواصلات جي مهارت مطابق 12

3. جنسي لحاظ سان انساني ۽ آئيني حق 14

تربيتي پروگرام 15

مشقون 16

ڏينهن 1 16

ڏينهن 2 22

ڏينهن 3 24

ضميمه 27

## ڪير هي مينوئل استعمال ڪري سگهي ٿو؟

پوليس جي ڪارڪردگي بابت پڙهندڙن ۾ صنف (Gender) جي شموليت بابت سندن احساس جاڳائڻ ۽ سندن قابليتن کي اڀارڻ هن مينوئل جو مقصد آهي.

ان کان علاوه، قومي ۽ عالمي سطح تي صنف ۾ شامل ڪيل پوليس جي موجوده پاليسين ۽طريقيڪار تي پڻ روشني وجهي ٿو. اهو سنڌ پوليس طرفان رهنمائي جي طور استعمال ڪري سگهي ٿي.

- ✓ صنفي شموليت بابت پوليس آفيسرن ۾ نئين خيالن جي جوڙ جڪ.
- ✓ پوليس جي ڪاتي توڙي پوليس اسٽيشن اندر صنفي شموليت متعلق خيالن جو اپار.
- ✓ ان سان گڏو گڏ هي مينوئل پوليس ٽرينرز هدايتون ڏيندڙ (انسٽرڪٽر) ۽ پوليس جي تربيت جي بين اڪيڊميز ۾ پڻ استعمال ڪري سگهجي ٿو.
- ✓ پوليس ٽريننگ اسڪول، ڪاليج ۽ اڪيڊمي ۾ بنيادي نصاب طور پڻ هن مينوئل کي شامل ڪري سگهجي ٿو.
- ✓ پوليس اهلڪارن کي جنسي شموليت جي مختلف پيچيدگين۽ مسئلن کان واقف ڪرڻ لاءِ هڪ ڪارگر مواد.

## هي مينوئل ڪيئن استعمال ڪري سگهجي ٿو؟

هڪ نظرياتي حصو ۽ تربيتي پروگرام جيڪو انفرادي ۽ اجتماعي طور سڀ گڏجي استعمال ڪري سگهن ٿا. ٽريننگ پروگرام ۾ هر سرگرمي جي مدت کي ورڪشاپ جي مدت جي مطابق يا پوليس ٽريننگ انسٽيٽيوٽ ۾ پروگرام موڪلڻ لاءِ ترتيب ڏئي سگهجي ٿي.

## مينوئل جا مقصد.

هن مينوئل جو مقصد آهي.

- صنفي تربيتي مرڪزن جي مطابق پوليس جي تربيتي مرڪزن جي استعمال لاءِ بنيادي نصاب پيش ڪرڻ.
- پوليس جي جونيئر آفيسرن جي عارضي روين تي زور ڏيڻ جڏهن عورتن جي هم منصبن ۽ ساٿين سان جنسي هم آهنگي جي لاءِ پوليس اسٽيشنن کي يقيني بنائڻ متعلق ڳالهه ٻول.
- عوام سان نبرڻ لاءِ جونيئر سطح جي پوليس آفيسرن جي اهم ڪردار کي نمايان ڪرڻ ۽ شهرين، عورتن ۽ مخنث (Transgender) جي مجموعي سهولت کي يقيني بنائڻ.

## مينوئل جا نتائج.

ڪانسٽيبلز، هيڊ ڪانسٽيبلز ۽ اسسٽنٽ سب انسپيڪٽرز سميت پوليس جا جونيئر آفيسر ان قابل ٿيندا ته:

- جنس جي مختلف تصورن ۽ پوليس جي طريقن سان ان جي مطابقت جي وچ ۾ فرق.

- عورتن ۽ مخنث (Transgender) سميت شهرين کي منصفاڻ ۽ غير معمولي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ صنف تي مبني جنسياتي اجزاء جو استعمال.
- پاڪستان جي موجوده آئيني قانون جي روشني ۾ جنس سان متعلق مسئلن سان نبرڻ جي لاءِ عورتن ۽ مخنث (Transgender) جي انساني حقن جي حفاظت کي يقيني بنائڻ.

## مينوئل جو فريم ورڪ

هي مينوئل ILجي وسيع پيماني تي تحقيق جي ذريعي نشاندهي ڪيل تشخيص تي مبني آهي. مينوئل ٽن حصن ۾ ورهايل آهي.

- سيڪشن 1. نظرياتي حصو.
- سيڪشن 2. ٽريننگ پروگرام
- سيڪشن 3 تفصيلي سرگرميون.

**نظرياتي حصو** تصورن ، روين ۽ جنس جي قانون جي وضاحت ڪندي سنڌ پوليس ڊيپارٽمينٽ جي موجوده تشويش ۽ مسئلن کي وائکو ڪري ٿو.
تربيتي پروگرام ۽ تفصيلي سرگرمين تي سيڪشن مثال طور وسائل جي مواد ۽ تربيت جي طريقن تي مبني نظرين ۽ سرگرمين جي حوالي سان مواد تي مشتمل آهي.
ضميمه ۾ سفارش ڪيل مواد کي عالمي سطح تي پوليس ۾ شامل جنس جي علم مطابق آهي.

## تعارف

نيشنل پوليس بيورو (اين پي بي) جي مطابق سال 2017 ۾ پوليس سروس ۾ عورتن جو مجموعي تعداد 2 سيڪڙو کان وڌيڪ آهي.[1]پاڪستان ۾ عورت پوليس آفيسرن جي تعداد 6363 آهي. جن مان سنڌ پوليس صرف 96 پرتيون ڪيون آهن. مطلب انهن انگ اکرن مان صرف 1.5 سيڪڙو.[2]

ان کان علاوه شهرين خاص طور عورتن ۽ مخنث (Transgender) جي پوليس جي خدمت حاصل ڪرڻ تائين رسائي پوليس ٿاڻن تي پوليس اهلڪارن پاران جنسي حساسيت جي مظاهري جي ڪمي جي وجهه سان رڪاوٽ جو شڪار آهي. جڏهن ته انصاف تائين رسائي ڏاڍي ڏکي ٿي ٿئي جتي پوليس اهلڪار گهڻو ڪري اهڙن ڪيسن کي داخل ڪرڻ کان اهو چوندي لنوائيندا آهن ته عورتن جي متعلق مسئلا نجي طور حل ڪيا وڃن. جيڪڏهن مقدما داخل ٿي به ويندا آهن ته مقدمو هلائڻ جو عمل سست هوندو آهي. لاڙڪاڻو ضلعي ريجن سنڌ جي انگن اکرن مان ظاهر ٿئي ٿو ته: جتي 2016 ۽ 2017 جي وچ ۾ ڊي آئي جي شڪايت جي سيلز ۾517 ڪيس عورتن پاران داخل ٿي چڪا آهن. انهن مان تقريبا 14 سيڪڙو ڪاميابي سان حل ٿي چڪا آهن.[3] ان کان علاوه

---

[1] *DAWN, "Women make up less than 2pc: report", April 26, 2017, retrieved from:* https://www.dawn.com/news/1329292 *Date of Access: February 28, 2018*
[2] *Daily Times, "Engendering Policing in Pakistan", Dr. Rakhshinda Perveen, September 13, 2017, retrieved from:* https://dailytimes.com.pk/117176/engendering-policing-in-pakistan/ *Date of Access: February 28, 2018*
[3] *Shared by DIG Larkana at a consultation meeting conducted by Individualland Pakistan in collaboration with Deutsche Gesellschaft für Internationale Zusammenarbeit (GIZ) at Larkana, February 14, 2018*

جيڪب آباد ضلعي جي رپورٽ مطابق (2008 ۽ 2016 جي وچ ۾ ) ڪاروڪاري ڪري ماريل 188 ڪيسن آهن. 22زنا جا ڪيس (سال 2008 ۽ 2014 جي وچ) ۾ ٿيا. جن مان ڪنهن به مجرم کي سزا نہ ملي. ان ۾ گهڻا آزاد ٿي ويا.[4] وڌيڪ رپورٽ مطابق صرف 17 مجرمن جا ڪيس جزوي قانون ( ٿي ترميم) ايڪٽ 310-A تحت(سڱ چٽي، يا بدلہ صلح وني، سوارا) داخل ٿيا.[5]

اهي انگ اکر فرقن کي ظاهر ڪن ٿا جيڪي پوليس جي اداري ۾ موجود آهن، جن ۾ صنف ۾ شامل پاليسين، طرز عمل ۽ حڪمت عملي کي نظر انداز ڪرڻ آهي.

جنسي حساس نقطہ نظر جي لاءِ هڪ بنياد فراهم ڪرڻ لاءِ پاڪستان پوليس ڊيپارٽمينٽ ۾ صنف جي حساسيت جو مسئلو شامل آهي، ۽ قومي ۽ صوبائي سطح تي ڪجهه اپاءُ پڻ ورتا ويا آهن. اهي اپاءُ تنظيم سازي، بنيادي ڍانچي ۽ جوڙجڪ (ميڪانزم) کي تنظيمي سطح تي صنفي حوالي جي مطابق متعارف ڪرائڻ جي ڪوشش ڪن ٿيون جيئن شهرين کي سروس جي ترسيل کي بهتر بڻائي سگهجي. سنڌ پوليس جي طرفان پاليسي جي سطح تائين آٽڻ ۾ هڪ اهم قدم عورتن جي ڪوٽا ۾ 3 سيڪڙو اضافو[i] آهي جنهن ۾ عورتن جي نمائندگي يقيني بڻائي وئي. يعني هر سطح تي عورت پوليس اهلڪارن جي لاءِ 5 سيڪڙو ڪوٽا محفوظ رکجي ٿي [6] ان کان علاوه، وومين پوليس اسٽيشنن کي "عورتن ۽ ٻارن جي پوليس اسٽيشن" طور ٻيهر پيش ڪرڻ جي تجويز ان متعلق ڪاروائين ۽ وسائل کي اپ گريڊ ڪرڻ جي تجويز 2018 کان وٺي جاري رکي وئي آهي.[7] لاڙڪاڻو [8] سنڌ ۾ اداره سازي جي قدم تي صنف حساس سروس ۾ لاڙڪاڻي جي 5 ضلعن ۾ موجود 22 ريسڪيو مرڪز ۾ مختلف عهدن تي 69 عورت پوليس اهلڪارن کي پرتي ڪيو ويو آهي [9]. ان کان علاوه لاڙڪاڻي ريجن جي 5 جيلن ۾ قائم 31 عورتن جي ميز تي 35 عورت پوليس اهلڪارن کي پڻ تعينات ڪيو ويو آهي. پيش نظر قدمن جي باوجود سنڌ(پاڪستان) ۾ پوليس اسٽيشنن کي ثقافتي صنفي حساسيت کان الڳ آهي. جڏهن ته عورت پوليس اهلڪار، يا خاتون ۽ مخنث شهرين سان نبرڻ کان پوءِ انڊيوجوئل لينڊ (Individualland) پاڪستان ان جي نشاندهي ڪئي آهي جيڪا صنف ۾ شامل ٿيڻ واري جدت پسندي پوليس جي ڪنيل سنگين قدمن جي باوجود رهي ٿي.

- عورت پوليس افسرن جي باري ۾ شهرين ۽ مرد ساٿين جا منفي خيال.
- محدود وسائل وارا عورتن جا پوليس اسٽيشن.
- عورت پوليس اهلڪارن جي مهارتن کي بهتر بنائڻ ۾ سرمايا ڪاري لاءِ اداري جي گهٽ دلچسپي.

---

[4] Daily Times, Access to Justice and Women Rights, Jamil Junejo, August 23, 20 17, Retrieved from: https://dailytimes.com.pk/119725/access-to-justice-and-women-rights/ Date of Access: March 13, 2018

[5] Daily Times, Access to Justice and Women Rights, J amil Junejo, August 23, 2017, Retrieved from: https://dailytimes.com.pk/119725/access-to-justice-and-women-rights/ Date of Access: March 13, 2018

[6] DAWN, Sindh govt increa ses female police quota from 2pc to 5pc, Imtiaz Mugheri, December 20, 2017. Retrieved from: https://www.dawn.com/news/1377769 Date of Access: February 28, 2018

[7] Express Tribune, Sindh Police decides to ren ame women police stations as women and children police station, March 7, 2018. Retrieved from: https://tribune.com.pk/story/1652752/1-sindh-police-decides-rename-women-police-stations-women-children-police-station/ Date of Access: March 7, 2018

[8] Districts included in Larkana Range are Larkana, Qambar, Shikarpur, Jacobabad, and Kashmore.

[9] Shared by DIG Larkana at a consultation meeting conducted by Individualland Pakistan in collaboration with Deutsche

- عورتن ۽ مخنث (Transgender) شهرين سان نبرڻ لاءِ پوليس اهلڪارن جي ناڪافي تربيت.
- خاندانن پاران عورت پوليس اهلڪارن جي حوصلہ شڪني ۽ گهٽ ڪوٽا.

ساٿي مرد پوليس آفيسرن ۽ معاشري جي تنگ نظري سبب عورت کي پوليس جي يونيفارم ۾ گهٽ تصور ڪرڻ ئي عورتن جي پوليس ۾ گهٽ ڪارڪردگي جو سبب آهي. صنفي ذمہ دار پوليس سروس جي لاءِ يونيفارم ۾ عورتن جي پرتي جي اهميت طرف اشارو ڏنو ويو آهي. (Individualland) جي وسيع تحقيق ۾: سماجي ۽ ثقافتي ذهنيت رکندڙ مرد پوليس اهلڪارن جي لاءِ تصور موجود آهن.[10] ان کان علاوه عورتن کي پوليس اهلڪارن جي مرڪزي ڌاري ۾ شموليت سان گڏوگڏ خاص ذميواريون پڻ غور هيٺ آهن. پوليس جي سرگرمين جي سلسلي ۾ ڪردار ادا ڪرڻ جي حمايت ڪرڻ لاءِ انهن کي محدود ڪيو ويو آهي. هي انهن کي آزاد تحقيقات، فيلڊ ورڪ ۽ اسٽيشن تي پيا ڪم ڪار ڪرڻ کان روڪي ٿو. اهڙي ريتقابليتن جي سڌاري جي تربيتي پروگرامن ۾حصو وٺڻ لاءِعورت پوليس اهلڪار جي لاءِ ڪجهه موقعا موجود آهن.[11]عورتن جي لاءِ ڪوٽا ۾ واڌارو، عورتن جي نمائندگي جي مسئلي کي حل نٿو ڪري، ڇوتہ هي عورتن جي پرتي جي ضمانت نٿو ڏي. ان کان علاوه غير مناسب وسائل ۽ انفراسٽرڪچر عورتن ۽ مخنث (Transgender) جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ناڪافي ۽ غير موثر آهي.

**عموماً** ، مرڪزي ڌاري جي پوليس ٿاڻن کي بحالي ڪانسواءِ ئي وومن پوليس اسٽيشن ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. ان جي نتيجي ۾ انهن پوليس اسٽيشنن جو انفراسٽرڪچر عورتن جي ضرورتن جي لاءِ مناسب نہ آهي. هڪ ماڊل جينڊرانڪليوزِو پوليس اسٽيشن ۾ انفراسٽرڪچر، اچ وچ ۽ ٻين سهولتن جي دستيابي جنس جي بنياد تي ضروري هوندي آهي. اسلام آباد ڪيپيٽل سٽي پوليس اسٽيشن (CCWPS) ۾ عورتن ۽ ٻارن کي گرفتاري ۽ پڇا ڳاڇا لاءِ سڄي ڏينهن جي ضرورتن کي پورو ڪندڙ مرڪز قائم ڪيو ويو آهي.[12] ان کان علاوه شهرين جي حفاظت جو هڪ بهتر مرڪز قائم ڪيو ويو آهي. عورتن ۽ ٻارن تي تشدد جي واقعن جي روڪ لاءِ هڪ گشتي (موبائيل ) گاڏي پڻ موجود آهي.[13] ان جي برعڪس، سنڌ جي وومين پوليس اسٽيشنن ۾ موجود بنيادي انفراسٽرڪچر عورتن جي ضرورتن جي باري ۾ چڱي نموني برقرار نہ آهي. مثال طور: ڪراچي ۾ ڪجهه پوليس اسٽيسن جن کي پوءِ وومين پوليس اسٽيشن ۾ تبديل ڪيو ويو هو، تمام خراب حالت ۾ آهن، جتي پيئڻ جو صاف پاڻي بہ دستياب نہ آهي. ساڳي ريت هڪ ٻي پوليس اسٽيشن تي پيشاب خانو تہ ٺهرايو ويو آهي. جڏهن تہ ميرپورخاص جي وومن پوليس اسٽيشن ۾ تہ غسل خانہ(واشروم) ئي ڪونہ آهن.وومين پوليس اسٽيشنن کي هڪ الڳ پوليس اسٽيشن طور قائم ڪيو ويو آهي جيئن حيدرآباد ۽ لاڙڪاڻو وومين پوليس اسٽيشن اهي پڻ سٺي حالت ۾ نہ آهن. حيدرآباد ۾ وومين پوليس اسٽيشن کي ٽن

[10] Individualland Pakistan, Male Police Perception of Women Police in Pakistan, Gulmina Bilal, 2012
[11]Women Police as the Agents of Change, Individualland Pakistan, 2015, Retrieved from: http://www.dailymotion.com/video/x37cuh7 Date of Access: March 30, 2018

[12] Ibid.
[13]Pakistan Today, Islamabad Police Establishes Women and Child Protection Centre, January 29, 2018, Retri eved from: https://www.pakistantoday.com.pk/2018/01/29/islamabad-police-establishes-women-and-child-protection-centre/ Date of Access: march 30, 2018

حصن ۾ ورهايو ويو آهي: هر هڪ Citizen-Police Liaison Committee (CPLC), Anti-Encroachment Cell , And Women Police Station.لاڙڪاڻي ۾ وومين پوليس اسٽيشن کي قائم ڪيو ويو آهي، جتي جديد حفاظتي آلات جيئن (CCTV Cameras) ۽ Audio/Video ٽول تفتيش لاءِ موجود آهن.تفتيشي آلات ۽ پوليس اسٽيشن چڱي حالت ۾ نہ آهن، ۽ نہ ئي فعال آهن. وڌيڪ وومين پوليس کي اچ و ج ۽ لوڊنگ جي پڻ ڏکيائي آهي جڏهن کين خاص ڊيوٽي تي مختلف شهرن ۾ تعينات ڪيو ويندو آهي.[14]اهي ناڪافي وسائل عورتن ۽ ٽرانسجينڊرز (مخنث (Transgender)) کي صرف ٿورو ئي انصاف ڏياري سگهن ٿا.

United Nations Women (UN-Women) ۽ بيورو آف انٽرنيشنل نارڪوٽيڪ اينڊ لا انفورسمينٽ افيئرس (INL)جي تعاون سان پاڪستان جي 5 شهرن ۾ پوليس جي خدمتن جي فراهمي اندر اوڻاين جي نشاندهي ڪئي آهي ۽ عورتن جي لاءِ انصاف جي حاصلات تي مطالعو ڪيو آهي. (انهن ۾ سنڌ مان خيرپور، ڪراچي ۽ دادو)شامل آهن جنهن ۾ عورتن تي تشدد جي وڏي خطري جي نشاندهي ڪئي آهي. مطالعي جي مطابق، عورتن ۾ سندن حقن جي باري ۾ گهٽ قانوني ڄاڻ، ۽ سست عدالتي دادرسي اهم مسئلا آهن، ڇوتہ ان جي وجهہ سان ان ۾ اها خلا برقرار آهي.[15] ان کان علاوه Rozan Training manual جو مقصد صنف تي مشتمل تصورات کي سمجهڻ ۽ سماجي مسئلن جي حساسيت تي روشني وجهڻ آهي. اقبال ڏيٿو، انساني حقن جو سڪيا ڏيندڙ ۽ قانوني ماهر، ۽ نياز احمد صديقي EX-IGP سنڌ ۽ سنڌ پوليس جي تعاون سان انساني حقن جي قانون کي لاڳو ڪرڻ ۾ پوليس جي ڪردار جي باري ۾ شعور کي وڌائڻ ۽ مهارتن کي هٿي ڏيڻ لاءِ هي تربيتي ماڊيول تيار ڪيو ويو آهي.

(وڌيڪ Annexure V پڙهندا.)

وومين پوليس اسٽيشنن جي لسٽ (عورتن جي تحفظ جا مرڪز)، ٻارن جي حقن جي حفاظت جا مرڪز ۽ انساني حقن جي لسٽ پڻ Annexure VIسان ڳنڍيل آهي.

---

[14] Women Police as the Agents of Change, Individualland Pakistan, 2015, Retrieved from: http://www.dailymotion.com/video/x37cuh7 Date of Access: March 30, 2018

[15] UN Women, Asia & the Pacific, Retrieved from: http://asiapacific.unwomen.org/en/news-and-events/stories/2017/08/un-women-baseline-study-identifies-gaps Date of Access: March 8, 2018

## Development of Manual مينوئل جي ترقي

انڊيويجوئل لينڊ پاڪستان (IL)، جو هي قدم
Support for Capacity Development in Criminal Investigative Services in Pakistan II (CIS-II) DeutscherGesel lshaft Fur International Zusammenarbeit (GIZ)جي تعاون سان ۽ سنڌ جي 4 ضلعن: سکر، لاڙڪاڻو، حيدرآباد ۽ ڪراچي جي اعلي آفيسرن سان گڏ صنفي فرقن ڪي وائيکو ڪرڻ جي لاۓ مٿين عملن جي باوجود رهن ٿا. سنڌ ۾ اي ايس آئي هيڊ ڪانسٽيبل ۽ ڪانسٽيبلز جي ڪردار جي سلسلي ۾ آئي ايل جي گڏيل اجلاس جا نتيجا هيٺيان آهن.

اهم خامين جي نشاندهي ۾ شامل آهن:

- ✓ پوليس آفيسرن ۾صنفي سطح تي مختلف نظرين جي وچ ۾ فرق ڪرڻ جي گهٽ صلاحيت.
- ✓ سماجي نفسيات جيڪا پوليس جي جونيئر سطح جي آفيسرن جي عارضي روين جي طرف وجهي ٿي.
- ✓ پوليس اهلڪارن جي نا مناسب مواصلاتي صلاحيتن ( جهڙوڪ انٽرويو جوڙڻ ۽ تحقيقات) صنف سان لاڳاپيل معاملن سان حل ڪرڻ.
- ✓ مختلف قسم جي ٽيڪنالاجي، اوزار ۽ ميڪانزم جي حوالي سان ڄاڻ نہ هئڻ ڪري صنف سان لاڳاپيل مسئلن ڪي حل ڪرڻ لاۓ پوليس اهلڪارن جي ناگزير صلاحيت.
- ✓ عورتن ۽ مخنث (Transgender) جي حوالي سان ۽ پاڪستان جي آئين جي روشني ۾ انساني حقن بابت غير مناسب ڄاڻ.

ان گڏجاڻين سان گڏوگڏ IL هڪ جامع ادب جو جائزو ورتو ويو جيڪو موجوده نظرين سان نبرڻ لاۓ ڪيو ويو. ۽ انفراسٽرڪچر، فرق ۽ ضرورتن جي لاۓ هو. هي مينوئل علمي فرقن Gaps تي توجه ڇڪائي ٿو جيڪو انهن قدمن باوجود رهي ٿو.

هي مينوئل اڳ ذڪر ڪيل جنس جي بنياد تي فرقن Gaps تائين رسائي رکي ٿو.

1. اهم ڳالهين جي وضاحت.
2. شهرين سان رابطي ڪرڻ لاۓ لازمي طريقا ۽ مواصلاتي مهارتن جي نفسياتي طريقن تي توجه.
3. پاڪستان جي آئين ۾ موجود انساني حقن جو جائزو ڏيڻ.

### 1. اهم ڳالهيون.

صنف متعلق ڪيسن سان لاڳاپيل اهم تصور هيٺ بيان ڪيا ويا آهي:

1. صنف:سماجي طور تي فردن کي عورت مرد ۽ مخنث جي درجا بندي. مثال طور: سماجي طرح فردن کي عوامي هنڌن تي ڪردارن جي وصف[16]
2. جنس: فردن جو حياتياتي فرق: عورت ۽ مرد ٻہ جنسون آهن.
3. ٽرانسجينڊر: هڪ اهم اصطلاح آهي جيڪو انفرادي شخصيت جي وضاحت ڪري ٿو، جن ۾ جنس جي شناخت يا صنفي اظهار آهي. جيڪو ان تي لڳل جنس کان جدا آهي.[17]
4. ٽرانسيڪشوئل: عام طور تي مخنث (Transgendered) جوئي حصو سمجهو ويندو آهي هڪ ٽرانسيڪشوئل شخص جيئن مخنث (Transgendered) هڪ جنسي شناخت جو حصو تي پوندو آهي جيڪا غير متضاد آهي، آهي يا ثقافتي طور تي منسلڪ ڪانهي، ٽرانسجينڊرڊ جي برعڪس ٽرانسيڪشوئل افراد عام طور تي طبي امداد (بشمول هارمون تبديل ڪرائڻ واري ٿراپي سميت ٻين جنسي علاج) ۽ ان جي جسم کي ان جي جنسي يا صنفيشناخت سان سنئون ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿو.[18]
5. انساني حقوق: پيدا ٿيڻ کان مرڻ تائين انسانن جا حق، قطع نظر رنگ، جنس، قوم، نسل، زبان، مذهب، يا ڪنهن ٻي حيثيت سان، هر ڪنهن سان امتيازي سلوڪ کانسواءِ انهن جا حق آهن.[19]
6. صنفي شموليت (جينڊرانڪليوزونيس): صنفي برابري، عورتن کي بااختيار بنائڻ ۽ سياسي، سماجي، اقتصادي ۽ ثقافتي شعبن ۾ فعال شرڪت، ۽ سڀني جنسن جي لاءِ ان سان گڏوگڏ شموليت جي ذريعي پنهنجي انساني حقن کي استعمال ڪرڻ جي قابل بنائڻ.[20]
7. جينڊرايڪسڪليوزِونيس: هي جينڊرانڪليزونيس جي برعڪس آهي. مطلب تہ ڪنهن خاص صنف کي انجي صنفي فرقن جي بنياد تي الڳ ڪرڻ. مثال طور ڪنهنجا بنيادي انساني حق صرف ان لاءِ پامال ڪرڻ تہ هو هڪ عورت، يا مخنث آهي.
8. جينڊر مين اسٽريم: جنسي برابري کي هٿي ٺيڻ جي لاءِ عالمي سطح تي قبول شده حڪمت عملي/ نقطہ نظر: ان ۾ قانون سازي، پاليسين ۽ پروگرامن کي شناخت ۾ شامل ٿئي ٿي. اها ڳالھ يقيني آهي تہ صنفي نقطہ نظر تمام سرگرمين جي لاءِ مرڪزي آهن.[21]

[16] World Health Organisation, Gender, Equity and Human Rights, Retrieved from: http://www.who.int/gender-equity-rights/understanding/gender-definition/en/ Date of Access: March 8, 2018

[17] American Psychological Association, Guidelines for Psychological Practice with Transgender and Gender Nonconforming People, December 2015, Retrieved from: https://www.apa.org/practice/guidelines/transgender.pdf Date of Access: March 9, 2018

[18] Ibid.

[19] United Nations, Human Rights, Retrieved from: http://www.un.org/en/sections/issues-depth/human-rights/ Date of Access: March 13, 2018

[20] UNESCO, Gender Inclusion, Retrieved from: http://www.unesco.org/new/en/social-and-human-sciences/themes/urban-development/migrants-inclusion-in-cities/good-practices/gender-inclusion/ Date of Access: March 8, 2018

[2121] UN Women, Gender Mainstreaming, Retrieved from: http://www.un.org/womenwatch/osagi/gendermainstreaming.htm Date of Access: March 8, 2018

## جينڊرانڪليوزِونيس ۽ جينڊر مين اسٽريم ۾ فرق

صنف ۾ شموليت (جينڊرانڪليوزِونيس) جو مطلب هي آهي ته عمل ۾ تمام ملازمتن (مرد، عورت ۽ ٽرانسجينڊرد) جي گڏيل رسائي مهيا ڪئي وڃي.
جڏهن ته....
جينڊر مين اسٽريم (صنف مرڪزي ڌاري) جو مطلب هي آهي ته تمام پاليسين پروگرامن ۽ طريقن ۾ فعال ۽ نظرانداز ڪيل نقط نظر کي فروغ ڏيڻ.

9. سبب: جنسي ضرورتن ۽ مفادن ۽ صنف جي بعض پاليسين، حڪمت عملين ۽ طرز عمل جي خاتمي جي طرفان جنسي حساس طريقه ٿاهڻ.[22]

10. صنف جا اشارا: هڪ وقت جي مدت جي دوران عورتن ۽ مردن جي صورتحال جي ماپ ۽ پيٽ ڪرڻ وارا اوزار. اهي مقدار ۾ اشارو (صنفي برابري) ۽ قابليت ۾ اشارو (صنفي مساوات) سان اشاره ڪن ٿا.[23]

- ❖ جينڊراڪوئٽي مان مراد مختلف جنسن جي لاءِ منصفانه/ جزوي نقط نظر آهي.
- ❖ صنفي برابري مان مراد عورتن ۽ مردن جي لاءِ برابر حق، ذميواريون ۽ موقع: مردن ۽ عورتن ٻنهي جي مفادن، ضرورتن ۽ ترجيحن تي غور ڪيو پيو وڃي.[24]

11. جنسي امتياز: محدود روزگار جا موقعا گهٽ پگهار، صحت ۽ تعليمي سهولتن تائين غريب جي رسائي، هڪ مخصوص صنف طرف توجه.

12. هَڏَ ڏوڪِي: (Empathy)ان جي نقطہ نظر سان ٻي فرد جي صورتحال / حالت کي تسليم ۽ سمجهڻ جي صلاحيت.

13. همدردي:(Sympathy) : ڏک ۾ فرد جي ڳڻتي يا تشويش جو احساس.

14. جرم: ڪنهن به رويي (ايڪٽ يا معافي) جو قانون جي ذريعي مجاز مطابق قانوني نظام هيٺ ڏنل آهي.[25]

15. ملزم: انفرادي شخص جيڪو اهو جرم ڪري ٿو ملزم هوندو ان کان اڳ ته اهو مجرم آهي يا نه.

16. مجرم: هڪ فرد جيڪو مجرم قرار ڏنو ويو آهي.[26]

17. ٻار: جيڪو 18 سالن جي عمر کان گهٽ آهي، اگر اهو ڪو ڏوهه ڪري ٿو ته ان سان ورتاءُ ٻي طريقي سان ڪيو ويندو.[27]

[22]United Nations, Gender Terms Explained, retrieved from: http://www.un.org/esa/sustdev/csd/csd15/lc/gender_terms.pdf Date of Access: March 12, 2018
[23]European Institute of Gender Equality, Gender Indicators, Retrieved from: http://eige.europa.eu/gender-mainstreaming/methods-tools/gender-indicators Date of Access: March 8, 2018
[24]UN Women, Concepts and Definitions, Retrieved from: http://www.un.org/womenwatch/osagi/conceptsandefinitions.htm Date of Access: March 8, 2018
[25] Section 2.2 (b) of UN Minimum Standards Rules for administration of Juvenile Justice 1985 (Beijing Rules ).Furthermore section 40 of Pakistan Penal Code 1860 and section 4 of Criminal Procedure Code 1898 defines the offence.
[26] Section 2.2 (c) of UN Minimum Standards Rules for administration of Juvenile Justice 1985 (Beijing Rules)

18.سنجيده جرم: جڏهن پوليس کي قيد جي اجازت سان گڏ يا ان کان بغير تحقيق ڪرڻ جو اختيار هجي. ان ۾ هڪ مجرماڻي عمل طور تي بيان به ڪري سگهجي ٿو، جنهن جي لاءِ پوليس کي ايف آئي آر داخل ڪرڻ تفتيش ڪرڻ يا گرفتار ڪرڻ لاءِ ڪورٽ جي وارنٽ جي ضرورت ناهي هوندي. هي جرم پروسيسنگ ڪوڊ 1898 جي پهرين شيڊول ۾ درج آهن.

19.غير سنجيده جرم: جڏهن پوليس کي هڪ مجرم کي عدالت جي اجازت کانسواءِ گرفتار ڪرڻ جو اختيار نه آهي.

20.ڏوهه: هڪ ڪاروائي يا غلطي جنهن سان ڪنهن جرم ٿيڻ ۽ قانون طرفان سزا آهي.[28]

21.تشدد: ماڻهن يا ملڪي ملڪيت کي نقصان پهچائڻ لاءِ جسماني طاقت جو استعمال تشدد طور ڄاتو وڃي ٿو.

22.بدعنواني(Abuse) : جذباتي/نفسياتي تشدد جي انفرادي طور تي ڄاتو وڃي ٿو.

23.جنس تي مشتمل تشدد(Gender Based Violence GBV): تشدد جيڪو فرد يا گروهن تي انهن جي جنس تي بنياد تي ڪيو وڃي.

24.عورتن تي تشدد(Violence Against women VAW): تشدد جيڪو عورت تي ان لاءِ ڪيو وڃي ڇو ته هو هڪ عورت آهي، يا عورت کي نامناسب طريقي سا متاثر ڪرڻ آهي.[29]

25.جنسي تشدد: جسماني يا جذباتي قوت جي استعمال سان گڏ يا بغير ڪنهن غير منقول جنسي سرگرمين، جيڪو شريڪ، خاندان، واقفيت، يا اجنبي طرفان مرتب ٿي سگهي ٿو.[30]

26.تحقيق: مختلف طريقن جيئن انٽرويو، تحقيق، ثبوت جمع ڪرڻ وغيره سان حقيقت جي جانچ.[31]

- ❖ تحقيق جي مطابق "زباني، دستاويزي، مواد ۽ فطري شناخت جو مجموعو" جي سيڪشن 4(I) Cr.C.P ۾ جرم سان گڏ مجرم سان رابطو قائم ڪرڻ جي طور درج ڪيو وڃي ٿو.
- ❖ پڇا ڳاڇا: هي اهو عمل آهي جنهن ۾ شڪايت ۽ ان ۾ ملوث هئڻ جي باري ۾ پڇا ڳاڇا ڪري تحقيق ۾ اضافو ٿيو هجي.
- ❖ انٽرويو:هي عمل آهي ته گواهن ۽ ممڪن شڪي فرد جي باري ۾ معلومات جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو ارادو آهي.

---

[27] Section 2.2 (a) of UN Minimum Standards Rules for administration of Juvenile Justice 1985 (Beijing Rules) and Section 2(b) of Juvenile Justice System Ordinance 2000

[28] Article 2 (b) of United Nations Organised Crime Convention, 2012

[29] Committee on Elimination of Discrimination against Women (CEDAW), GR 19, Article 3 Istanbul Convention

[30] WAR Against Rape; Sexual Violence and Laws of Pakistan, 2011, Retrieved from: http://www.war.org.pk/WAR%20Webfiles/PDF's/Sexual_Violence_in_Pakistani_Law.pdf Date of Access: March 8, 2018

[31] International Foundation for Protection Officers, Investigative Interviewing: Strategies and Techniques, August 2005, Retri    eved from: https://www.ifpo.org/wp-content/uploads/2013/08/interviewing.pdf Date of Access: March 8, 2018

## 2. سماجي نفسيات صنف ۾ شامل مواصلات جي مهارت مطابق

سماجي نفسياتي خيال، زبان ۽ فرد جي سوچ تي توجہ ڏيڻ؛ ۽ اثر و رسوخ-سنجيدگي جي اصول تي مبني آهي. سماجي نفسيات، يعني سماجي درجہ بندي جو بنيادي حصو، امتيازي سلوڪ جي عام مشق جو سبب ٿئي ٿو. سماجي نفسيات جا ٻہ اهم اصول آهن، مطلب فرد جي شخصيت ۽ ثقافتي جوڙجڪ، سماجي درجہ بندي طرف وڃن ٿا.صنفي نقطہ نظر جي باري ۾ سماجي درجہ بندي جي عمل کي معاشري ۾ جنسي خصوصي طرز عمل جي ذانهن وڃن ٿا.

- مختلف خيالن جي ڏي وٺ، جنسي فرق جي بنياد تي خيال جذبات ۽ روين جو طريقيڪار.
- صنفي دقيانوسيت واري سلوڪ کي ختم ڪرڻ.
- صنفي امتياز کي ختم ڪرڻ لاءِ راه هموار ڪرڻ

مختلف ملازمتن جي لاءِ پوليس اهلڪارن جي غير حساس نقطہ نظر (عورتن ۽

مخنثTransgenderedاشخاص ) جي سماجي درجہ بندي ثقافتي سطح تي ٿئي ٿي . شهرين سان گڏ پوليس اسٽيشنن ۾ بہ ساڳي طرح ٿئي ٿو. عورتن مخنث ۽ عورت پوليس اهلڪارن سميت. ان ڳالھ تي غور ڪيو پيو وڃي تہ اي ايس آئي، ڪانسٽيبل هيڊ ڪانسٽيبل شهرين ۽ پوليس وچ ۾ رابطي جي راه هموار ڪن. هي پوليس اسٽيشنن جي اندر صنفي مجموعي طور تي مطابقت يقيني بنائڻ ۾ انهن جي اهم ڪردار جي نشاندهي ڪري ٿو. ان ڪردار کي موثر طريقي سان نڀائڻ لاءِ پوليس اهلڪار جي لاءِ ضروري آهي تہ هو صنفي مجموعي طور تي شامل ٽيڻ ۾ ڪارگر مواصلاتي مهارت کي اختيار ڪرڻ جي قابل هجي. عورتن ۽ مخنث فردن سان نبرڻ لاءِ جنس ۾ شامل مواصلاتي مهارتون ۾ سنجيده ۽ جذباتي انٽيليجنس شامل آهن.

عورتن ۽ مخنث Transgenderedسميت شهرين کي سهولت ڏيڻ ۽ عورتن پوليس اهلڪارن پاران پيشہ ورانا عمل جو مظاهري جي لاءِ پوليس جي طريقن کي هيٺ بيان ڪيو ويو آهي.

- جنسي تشدد تي مبني جنسي تعلق، جنسي تشدد، گهريلو تشدد وغيره وغيره جي حل لاءِ همدردي جو مظاهرو ڪن، هي ان مظلوم کي زنده بچائڻ ۾ مدد ڏئي ٿو، ۽ ان مسئلي کي حل ڪرڻ ۾ هو پوليس تي پروسو ڪن ٿا.
- چهري جا تاثرات ۽ اشارا زياده اهميت رکن ٿا، تہ ڪهڙي طرح پيغام کي سمجهيو ويندو آهي. پوليس اهلڪارن کي ان ڳالھ کان آگاه هجڻ گهرجي تہ سندن تاثرات ۽ غير زباني مواصلاتي سگنل ڪيتري اهميت رکن ٿا، انهن لاءِ جيڪي پنهنجي مسئلي جي حل لاءِ وٽن آيا آهن.
- عورت هم منصبن يا شهرين سان، عورتن ۽ مخنث پنهي سان نبرڻ وقت جنسي حساس سلوڪ جو مظاهرو.
- پولي هڪ ضروري ذريعو آهي جنهن کي مناسب طريقي سان استعمال ڪيو وڃي چو تہ ان جي تشهير جو ارتڪاب ٿئي ٿو، جيڪو امتيازي يا غير جانبدار تي سگهي ٿو. لهذا، مرد، عورت يا مخنث شخص سان ڳالهائڻ وقت استعمال ٿيندڙ اصطلاحن جي باري ۾ حساس هجڻ

ضروري آهي. مينوئل ۾ منسلڪ | امتيازي جملا | ۽ صنفي غير جانبدار اصطلاحون ڏنيو ويو آهن.

- سچاڻ ۽ جذباتي فرياد ٻڌڻ شهرين لاءِ هڪ اهم مهارت آهي. خاص طور تي جڏهن عورتن ۽ مخنث جي مسئلن کي سمجهڻ لاءِ.

ان کان علاوه اي ايس آئيز هيڊ ڪانسٽيبل ۽ ڪانسٽيبل جيئن مشقن جي تحقيق ۽ انٽرويو جيئن عورتن مخنث مظلوم\بچيل، ڏوهي، ملزم ۽ شاهد سان صنفي حساسيت سان نبرڻ. مناسب زبان جو استعمال ڪرڻ ضروري آهي، فاصلي کي برقرار رکڻ ۽ عورتن ۽ مخنث سان نبرڻ وقت غير جانبدار نقطہ نظر آهي. ان سلسلي ۾ جنس کي نظر ۾ رکندي تحقيق جي ڪاروائي هيٺ بيان ڪئي وئي آهي.

| تحقيق |
|---|
| مرحلو1: قابل اعتماد ذرائع سان انٽرويو جي ذريعي ابتدائي تياري. |
| مرحلو 2: متاثر ۽ ملزم\ڏوهي جي باري ۾ مناسب معلومات حاصل ڪرڻ |
| مرحلو3: اصطلاح شڪار جي استعمال کان بچڻ، ۽ متاثر فرد لاءِ سروائيول جو استعمال |
| مرحلو4: احترام سان موضوع تي بحث ڪرڻ |
| مرحلو 5: مناسب ٻولي استعمال ڪريو ( صنف غير جانبدار اصطلاحن) امتيازي لفظ\ جملا استعمال ڪرڻ کان بچڻ |

ان کان علاوہ، موثر ٻڌڻ جي مهارت جي لاءِ هي ڪجھ مخصوص اخلاقي روين کان واقف هئڻ ہ ضروري آهي، خاص طور جڏهن جنسي حساس مسئلن کي حل ڪرڻ. جڏهن تہ پوليس اهلڪارن يا شهرين (عورتن يا مخنث) سان ڳالھ ٻولھ دوران "ڪرڻ ۽ نہ ڪرڻ" جا جملا هيٺ ڏجن ٿا.

| Do's of effective Listening<br>ڇا ڪرڻ گهرجي | Dont's of Effective Listening<br>ڇا نہ ڪرڻ گهرجي |
|---|---|
| 1. دلچسپي ڏيکارڻ<br>2. ٻي شخص کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ<br>3. همدردي جو اظهار<br>4. مسئلي جي نشاندهي ڪرڻ اگر اتي ڪو آهي تہ.<br>5. مسئلي جي سبب کي ٻڌڻ<br>6. ڳالهائيندڙ جي مدد سان مسئلي جي سبب کي سهيڙڻ<br>7. ان جي پنهنجي مسئلي کي حل ڪرڻ جي صلاحيت ۽حوصلہ افزائي ڪرڻ<br>8. خاموش رهڻ جتي خاموشي جي ضرورت هجي. | 1. بحث ڪرڻ<br>2. رڪاوٽ، ڳالھ ڪٽڻ<br>3. جلدي فيصلو ڏيڻ.<br>4. غير متوقع مشورو ڏيڻ<br>5. حاصل مقصد تائين پهچڻ جي جلدي.<br>6. مدعي کي بيان ڪندڙ جي جذباتن کان متاثر ٿيڻ |

ان کان علاوه عورتن ۽ مخنث فردن سان هڪ انٽرويو شروع ڪرڻ جي لاءِ موزون جملن جي استعمال سان مدد ڪرڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي. جن ۾

### جملن جو مناسب استعمال

1. مان توهان جي ڪيئن مدد ڪري سگهان ٿو؟
2. مان توهان جي لاءِ ڇا ٿو ڪري سگهان؟
3. اوهان جي پريشاني لاءِ مون کي افسوس آهي.
4. جيڪي ٿيو ان ۾ اوهان جي غلطي نہ آهي.
5. مون کي توهان تي ڀروسو آهي.
6. توهان جو ڪيس تمام ضروري ۽ منفرد آهي.
7. ڇا توهان کي پنهنجي حفاظت جي باري ۾ ڪا پريشاني آهي؟
8. ڇا توهان ڪجھ وڌيڪ حوالا ڏيئي سگهو ٿا؟
9. ڇا توهان کي ڪنهن ٻي جي ضرورت آهي؟
10. اگر توهان کي رابطي جي ضرورت پيو تہ مونسا رابطو ڪريو.............
11. مان سمجهان ٿو\ٿي تہ توهان تي ڇا گذريو آهي. آئون مدد ڪرڻ جي پوري ڪوشش ڪندس\ڪنديس.
12. ڪوشش ڪيون ٿا تہ اسان هاڻي توهان جي سڀ کان اهم ضرورت سمجهي سگهون ٿا.

## 3. پاڪستان جي آئين ۾ صنف تي مبني انساني حقوق

موجوده پاليسين ، ميڪانزم ۽ تازن قانونن جي باري ۾ علم جي کوٽ صنفي نوعيت جي ڪيسن کي حل ڪرڻ جي لاءِ جونيئر پوليس اهلڪارن جي صلاحيت کي رد ڪن ٿيون. پاڪستان جي 1973 واري آئين ۾ صرف شهرين جي انساني حقن کي محدود نٿو ڪري بلڪہ ان جي مطابق عورتن جي حفاظت ۽ احترام جي حقن کي پڻ يقيني بڻائي ٿو. قومي ۽ صوبائي (سنڌ) سطح تي عورتن جي باري ۾ موجود قانون Annexure II ۾ درج ڪيا ويا آهن.

## تربيت جو پروگرام

ڪانسٽيبلز هيڊ ڪانسٽيبلز ۽ اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر سميت پوليس جي جونيئر ڪيڊرن جي تربيت جي لاءِ 3 ڏينهن جو تربيتي پروگرام هيٺ ڏجي ٿو.

| | |
|---|---|
| ڏينهن 1 | |
| تعارف ۽ مضمون جي ترتيب | اجلاس<br>10:00am-10:30 am |
| مختلف صنفن جي حساسيت تي غور | اجلاس1<br>10:30 am -11:30 am |
| مان ڪير آهيان؟ | اجلاس2<br>11:45 am -1:00pm |
| صنفي شموليت ڇا آهي؟ | اجلاس3<br>1:00pm-2:00 pm |
| وقفو<br>2:00pm    2:45pm | |
| متاثر يا بچيل(Victims of Survivors?) | اجلاس4<br>2:45pm-3:00pm |
| پوليس اهلڪارن ڪي صنفي جي اعتبار سان تاهيل پوليس اسٽيشنن ۾ ڏکيائن جي شناخت | اجلاس5<br>3:00pm -3:30pm |
| پوليس ٿاڻن ۾ جنسياتي شموليت واري ماحول ۾ ڪم | اجلاس6<br>3:30 pm    4:30 pm |
| ڏينهن 2 | |
| گذريل ڏينهن جو دور | اجلاس<br>10:00am    10:30 am |
| پاڪستان ۾ عورتن جا آئيني حق | اجلاس1<br>10:30am    11:15 am |
| گهريلو ۽ بين الاقوامي جنسي قانون | اجلاس2<br>11:30 am    12:50 pm |
| صنفي شموليت ۽ سنجيدگي جي باري ۾ سجاڳي پيدا ڪرڻ | اجلاس3<br>12:50 pm    1:10pm |
| ڏينهن 3 | |
| گذريل ڏينهن جو دور | اجلاس<br>10:00am    10:30am |
| خيالن جي اظهار جي باري ۾ مهارتون، عورتن ۽ مخنثن جي مقدمن ۾ بهتر طريقي سان پڌٽي | اجلاس1<br>10:30 am    11:00am |
| عورتن ۽ مخنثن سان ڳالهائڻ وقت لهجي جي شدت | اجلاس2<br>11:00 am    11:20am |

| | |
|---|---|
| عورتن ۽ مخنث جي مسئلن جو حل | اجلاس3<br>11:20 am 12:50pm |
| وقفو<br>1:00pm- 2:00pm | |
| انساني ۽ آئيني حقن جي روشني ۾ پوليس جي پريڪٽس جي جانچ پڙتال | اجلاس4<br>2:00pm 3:00pm |
| سکيا جو دور | اختتام<br>3:00pm 3:45pm |

## سرگرميون

سرگرميون جيڪي جاري ڪيل تربيتي پروگرام ۾ پيش ڪيون ويو آهن، انهن ۾ هيٺيان تفصيل بيان ڪيا ويا آهن:

ڏينهن1

خاموشي کي ٽوڙن لاءِ شرڪت ڪندڙن کي هڪٻئي سان تعارف ڪرائڻ

### اجلاس 1: مختلف صنفن جي حساسيت تي غور

مقصد:

- "صنف" ۽ "جنس" جي وچ ۾ فرق کي سمجهڻ
- حياتيات بجائي سماجي طور تي صنف جي خصوصيتن ۾ بحث ڪرڻ

گهربل وقت: 60 منٽ

ضروري وسائل: گلابي ۽ نيرا ڪارڊ، مارڪر،فلپ چارٽ.

طريقو:

مرحلو نمبر 1: هر هڪ کي چيو ويندو ته عورت جي خصوصيت کي نيري رنگ جي ڪارڊ تي لکن ۽ گلابي ڪارڊ تي مرد جي خاصيتن کي لکن.

مرحلو نمبر 2: سهولت فراهم ڪرڻ وارا فلپ چارٽ تي ٻه ڪالم ٺاهين، ۽ هڪ ڪالم جي مٿان "عورت" ۽ ٻي تي "مرد" جو عنوان ڏين.

مرحلو نمبر 3: سهولت ڪار پوءِ ٻن رضاڪارن کي چون ته هڪ سيني کان گلابي ڪارڊ جمع ڪري ۽ ٻيو نيري رنگ جا ڪارڊ جمع ڪري.

مرحلو نمبر4: پهريون رضاڪار "عورت" عورت جي عنوان تحت جمع ٿيل ڪارڊ پيسٽ ڪري، ۽ ٻيو "مرد" جي عنوان تحت جمع ٿيل ڪارڊ پيسٽ ڪري.

مرحلو نمبر5: ”عورت“ ۽ ”مرد“ جي عنوانن کي تبديل ڪيو ويندو. ”عورت“ جي خاصيتن جي تشخيص ”مرد“ لاءِ شرڪت ڪندڙن طرفان بيان ڪئي ويندي. ان مشق سان شرڪت ڪندڙن ۾ عورت ۽ مرد جي حياتياتي ۽ سماجي طور تي تعمير ٿيل خاصيتن جي سڃاڻپ ٿيندي.

مرحلو نمبر6: سهولت ڪندڙ صنف جي خاصيتن کي حياتياتي  تعمير بجاءِ سماجي طور تي بحث ڪندا، مخنث جي حياتياتي ۽ سماجي جوڙجڪ تي بحث ڪيو ويندو. هي بحث ۾ ”صنف“ ۽ ”جنس“ جي وچ ۾ فرق حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪندو.

## اجلاس2:آئون ڪيرآهيان؟

مقصد:

صنفيدقيانوسيت ڪيئن پيدا ٿئي ٿي، ان کي سمجهڻ.

گهربل وقت: 90 منٽ

ضروري وسائل: ڪوئز جا پرنٽ آئوٽ، Annexure III، مارڪر.

طريقو:

مرحلو نمبر1: شرڪت ڪندڙ هيٺين صنفن جي باري ۾ سوالن جي ڪٽڻ جي باري ۾ هڪ جامع بحث ۾ مصروف آهن.

مرحلو نمبر 2: شرڪت ڪندڙن کي هڪ ڪوئيز ڏنو ويندو، ڪين سوالن کي حل ڪرڻ لاءِ 10 منٽ ڏنا ويندا. مددگار جوابن کي پڙهي مونجهارن جي صورت ۾ وضاحت ڪندا.

مرحلو نمبر 3: شرڪت ڪندڙ صنفي دقيانوسيت کي پڌرو ڪندا ۽ ڏنل هينڊ آئوٽ ۾ ”مرد“ ۽ ”عورت“ جي ڪردار کي ريورس ڪندا.

غور ڪرڻ جا سوال

- عورتن وانگي تمام مرد ميڪ اپ ڇو نہ ٿا ڪن؟
- ڇا اسان ڪنهن عورت کي روڊ تي ٽرڪ هلائيندي ڏٺو آهي؟
- ڇا هڪ مرد هڪ بهتر ”ماءُ“ ٿي سگهي ٿو(Read: Caretakers)؟
- عورت کي محافظ طور ڇو نٿو رکيو وڃي؟
- ڪير بہ مرد گهر ۾ ڪپڙا ناهي سبندو، جڏهن تہ  اڪثر درزي مرد آهن؟
- اڪثر بورچي مرد آهن، پر ڇو تمام گهٽ مرد گهر ۾ رڌپچاءُ ڪندا آهن؟
- ڇو عورتن کي گهٽو ڳالهائيندڙ ڪوٺيو ويندو آهي، جڏهن تہ اڪثر مرد وڌيڪ ڳالهائيندا آهن؟

مرحلو نمبر 4: نسائي ۽ مذڪرائي بابت سماجي طور تي تعمير ڪيل امتياز تي بحث ڪيو ويندو.

مرحلو نمبر 5: متئين بحث جي نقطہ نظر تي مبني شرڪت ڪندڙن کي چيو ويندو تہ هو مخنث جي لاءِ مقرر ڪيل دقيانوسي ڪردارن جي شناخت بہ ڪن.

## اجلاس 3صنفي شموليت ڇا آهي؟

مقصد:

پوليس ۾ صنفي شموليت جي عمل جي اهميت کي نمايا ڪرڻ.

ڪُل وقت: 90 منٽ

ضروري وسائل: فلپ چارٽ، پوري رنگ جي شيٽ، پاور پوائينٽ پريزنٽيشن (صنفي شموليت) ۽ مارڪر.

طريقو:

مرحلو نمبر 1: سهولت ڪندڙ پاور پوائينٽ پريزنٽيشن جي ذريعي صنفي شموليت جا فائدا بيان ڪندا.

مرحلو نمبر 2: سهولت ڪندڙ پوري رنگ جي شيٽ تي هڪ ٽيبل ٺاهيندا ۽ ان کي ڏيکاريندا.

| عورتن ۽ مخنث سميت شهرين سان نبرڻ | | |
|---|---|---|
| پوليس جا ڪم | جينڊر انڪليوزو پريڪٽس | جينڊر ايڪسڪليوزو پريڪٽس |
| انٽرويو | مثال: عورت پوليس تحقيقاتي آفيسر \ گارڊ جي موجودگي | هڪ مرد آفيسر طرفان اهڙي سوال جو پڇڻ جنهن جو جوابھڪ عورت جوابدار لاءِ ناگزير آهي |
| تحقيق | مناسب زبان جو استعمال | ڪمتر فقرن جو استعمال |
| ڇاپو | باعزت ۽ غير منصفانہ رهڻ | ڪنهن بہ عورت پوليس اهلڪار موجود نہ هجڻ |
| تلاشي ۽ گرفتاري جو عمل | عورت پوليس اهلڪار جي موجودگي | عورتن جي تلاشي لاءِ ڪا بہ عورت پوليس اهلڪار موجود نہ هجڻ |
| شڪايتون درج ڪرڻ | عوامي مسئلن جي حل لاءِ تڪڙا قدم کڻڻ | عورت يا مخنث جي شڪايتن کي درج ڪرڻ دوران تعصب ۽ سستي سان پيش اچڻ |
| FIRدرج ڪرڻ | همدردي جو مظاهرو | پڌڻ کان لنوائڻ ۽ تڪرار |

- هر شرڪت ڪندڙ جدول ۾ ذڪر ڪيل پوليس جو ڪم کڻي ۽ جينڊر انڪليوزِو پريڪٽس ۽ جينڊر ايڪسڪليوزِو پريڪٽس جي باري ۾ لکندو.
- سيئي ڪارڊ گڏ ڪيا ويندا ۽ سندن نالن هيٺيان لڳايا ويندا.
- سهولت ڪندڙ شرڪت ڪندڙن جي مشقن جي باري ۾ بحث ۾ مدد ڪندا ۽ ضروري عمل جي ڳولا ڪندا.

مرحلو نمبر 3: شرڪت ڪندڙن کي ٽن حصن ۾ ورهايو ويو آهي. هر گروپ کي جينڊر ايڪسڪليوزو پريڪٽس کي جينڈر انڪليوزو پريڪٽس ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ حڪمت عملي جوڙي ويندي

مرحلو نمبر 4: سهولت ڪندڙ هر گروپ مان حصو وٺندڙن کي سندن جوڙيل حڪمت عملي کي پيش ڪرڻ لاءِ چوندو.

مرحلو نمبر 5: سهولت ڪندڙ هر هڪ کي انفرادي راءِ ڏيڻ ۽ ان ڳالهه جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ چوندا ته ڪيئن پوليس، پوليس اسٽيشنن ۾ صنفي شموليت کي يقيني بنائڻ لاءِ مثبت ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي.

## اجلاس4: متاثر يا بچيل(Victims or Survivors)؟

مقصد

انٽرويو ۽ تحقيق ڪرڻ وقت مناسب جملن جي استعمال جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ

ڪل وقت: 60 منٽ

طريقو

مرحلو نمبر 1: شرڪت ڪندڙن کان پڇيو ويندو ته Rape Victim يا "Rape Survivor" مان ڪهڙو اصطلاح مناسب آهي.

مرحلو نمبر 2: هڪ بحث پيدا ٿي وڃي ٿي، جو ته پنهي مان ڪو هڪ اصطلاح استعمال ڪرڻ لاءِ مناسب آهي. سهولت ڪندڙ عورتن تي ٿيندڙ تشدد کي روڪڻ لاءِ شريڪن کان اپاءُ وٺندا. جنهن جا ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا.

- خاندان ۾ ٿيندڙ جسماني، جنسي ۽ نفسياتي تشدد:
  - گهرن ۾ ٻارڙين سان جنسي زيادتي
  - ڏاج متعلق تشدد.
  - شادي شده زنا
  - عورتن تي جينياتي تسلسل
  - ٻيا روايتي طريقا جيڪي عورت جي لاءِ نقصانڪار آهن
  - غير مرد جو تشدد ۽ استحصال لاءِ تشدد.

- عام برادري اندر واقع جسماني، جنسي ۽ نفسياتي تشدد.
  - زنا
  - جنسي بدڪاري
  - تعليمي ادارن ۽ ٻين هنڌن تي جنسي هراسان ڪرڻ

○ عورتن کي زبردستي فحاشي جو کم ڪرائڻ

**متاثر يا بچيل (Victim or Survivor)**

جڏهن مناسب اصطلاحن جي ڳالهه ڪجي ٿي ته ان ڳالهه جي خبر پوي ٿي تهRape Victim يا Rape Survivor مان ڪهڙو اصطلاح استعمال ڪجي. Victim فرد جي جزبي کي متاثر ڪري سگهي ٿو، جڏهن ته survivor ان ۾ مزاهمت، اندروني طاقت کي ان صدمي کان بچائي ٿو.

مرحلو نمبر 3: شرڪت ڪندڙ Do's ۽ Dont's کان واقف ٿيندا.

چا نہ ڪجي Dont's

- متاثر تي الزام
- ناڪافي حقائق
- گندي زبان جو استعمال
- حملي جي باري ۾ تفصيلات.

چا ڪرڻ گهرجي Do's

- سچ جي تلاش
- گهٽ کان گهٽ نقصان
- مظلوم جو احساس

مرحلو نمبر 4: پوليس اهلڪارن کي جينڊر ايڪسلڪيوزِو پوليس اسٽيشنن ۾ پيش ڏکيائين جي سڃاڻپ:

مقصد:

مرد پوليس پوليس اهلڪارن سان گڏ ڪم ڪندڙ عورت پوليس اهلڪارن کي پيش ايندڙ مسئلن جي جانچ.

گهربل وقت: 30 منٽ

ضروري وسائل: پروجيڪٽر ذريعي (Individualland جي عورت پوليس اهلڪارن جي دستاويزي فلم) ڏيکارڻ.

مرحلو نمبر 1: پاڪستان ۾ عورت پوليس اهلڪارن کي پيش مسئلن ۽ ڏکيائين جي باري ۾ هڪ دستاويزي فلم ڏيکاري ويندي.

مرحلو نمبر 2: شرڪت ڪندڙن ڪان پوءِ پوليس اسٽيشن جي اندر صنف ۾ شامل ٽيندڙ عملن ڪي يقيني بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا.

مرحلو نمبر3: شرڪت ڪندڙ پوءِپنهنجي خيالن سان هڪ بحث ڪندا ته نمايان ٽيل مسئلن يعني يونيفارم ۾ عورتن جي تعميراتي نقط نظرکي ڪيئن بيان ڪيو وڃي ٿو.

سيشن 6: پوليس اسٽيشنن ۾ صنف تي مشتمل ڪم ڪندڙ ماحول

مقصد:

- مرد پوليس اهلڪارن سان گڏ ڪم ڪندڙ عورتن جي پوليس اهلڪارن سان گڏ مسئلن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ.

وقت گهربل آهي: 60 منٽ

وسيلن جي ضرورت آهي:پوري شيٽ، مارڪر.

طريقو:

مرحلو نمبر 1: ڀن شرڪت ڪندڙ ڪي پيش ڪندڙ طور منتخب ڪيو ويو آهي ۽ هر کي هيٺين عنوانن تي لکڻ لاءِ چيو ويو آهي.

- پوليس اسٽيشن ۾عورت پوليس جي اهلڪارن سان پيش مسئلا.
- فيلڊ دورانعورت پوليس پوليس اهلڪارن کي پيش مسئلا.

مرحلو نمبر 2: باقي حصو وٺندڙن کي ڀن گروپن ۾ ورهايو ويو آهي .هر گروپ (پنهنجي ذاتي تجربي/ مشاهدي جي روشني ۾) هڪ مقرر کي صلاحون ڏيندو.

15 منٽن ڪان پوءِ گروپمقررن کي تبديل ڪندا.

مرحلا 3: ٻئي ڌريون پنهنجو موضوع پيش ڪنديون: هڪ بحث مباحثو ڪيو ويندو ته ڪين ڪهڙي قسم جي صنف جي بنيادن تي مسئلا آهن.

مرحلا 4: بحث جي آخر ۾ شرڪت ڪندڙن ڪان پڇيو ويندو:

- مان هڪ مرد ساٿي جي حيثيت سان انهن مسئلن بابت ڇا ڪري سگهان ٿو؟
- مان هڪ عورت هجڻ جي ڪري، پنهنجي مرد ساٿين ڪان ڪهڙي توقع ڪريان ٿي

# ڏينهن 2

## سيشن 1: پاڪستان ۾ عورتن جا آئيني حق

مقصد

پاڪستان ۾ صنف تي ٻڌل قانون جي شرڪت ڪندڙن ۾ سمجھ کي وڌائڻ .

وقت جي ضرورت آهي: 40 منٽ

ضروري وسيلا: پاور پوائنٽ جي پرزنٽيشن، پروجيڪٽر(ضميمہ Annexure II)

طريقو:

مرحلو نمبر 1: پاور پوائنٽ پرزنٽيشن استعمال ڪندي عورتن جي سالميت بابت قانون، ترميم ۽ عمل بيان ڪريو.

مرحلو نمبر 2: سهولت ڪندڙ پاڪستان ۾ صنف تي ٻڌل قانون کي نمايان ڪندا.عورتن جي صنف تي ٻڌل قانون ۽ انهن جي قانوني حق آرٽيڪل نمبر ۽ ان جي مواد سان پيش ڪرڻ آهي.

مرحلا 3: هڪڙي بحث موجوده قانون ۽ ان جي عمل تي لاڳو ٿيندي آهي.

## سيشن 2: ملڪي ۽ بين الاقوامي صنفي قانون جو تجزيو

مقصد

- صنف تي ٻڌل پاڪستاني ۽ عالمي قانونن ۾ هڪجهڙائين جو تجزيو ڪرڻ

گھربل وقت: 80 منٽ

ضروري وسائل: صنفي قانون جو ڪتابچو، سوٽي ڌاڳو، پوري رنگ جي شيٽ ۽ مارڪر

طريقو:

مرحلو نمبر 1: شرڪت ڪندڙن کي سرگرمي بابت چاٽ ڏيڻ کان پوءِ کين 3-4 گروپن ۾ ورهايو ويندو؛ هر گروپ کي ڏنل قانون جي دستاويزن جي مدد سان صنف بابت خاص تفصيل پڙهي ۽ درج ڪرڻ آهي.

مرحلو نمبر 2: شرڪت ڪندڙن کي پوري شيٽ تي صنفي قانونن ۾ ذڪر ڪيل سهولتن ۽ مقالن جو ذڪر ڪرڻ لاء چيو ويو آهي.

مرحلو نمبر 3: گروپن جو ڪم بورڊ تي ڏيکارجي ٿو ۽ شرڪت ڪندڙن کان صوبائي ۽ بين الاقوامي قانونن ۾ هڪجهڙا موضوع سوٽي ڏاڳي جي مدد سان ملائڻ لاءِ چيو ويندو .

مرحلو نمبر 4: هڪ بحث مباحثو ڪيو ويندو ته ڪهڙيون هڪجهڙائيون ۽ اختلاف ثقافت جي حوالي سان پڌل آهن.

## سيشن 3: صنفي شموليت Gender Inclusivenessۃ ڪارگر پڌٽي بابت آگاهي

مقصد

شرڪت ڪندڙن کي صنفي شموليتبابت ڳالهائڻ ۽ سندن خيال پيش ڪرڻ لاءِ همٿائڻ

شرڪت ڪندڙن ۾ مواصلاتيصلاحيتن کي مضبوط ڪرڻ.

وقت گهربل: 30 منٽ

طريقو:

مرحلو نمبر 1: شرڪت ڪرندڙن کي گروپن ۾ ورهايو ويندو؛ هر هڪ گروپ کي صنفي انحصار تي هڪ موضوع ڏنو ويندو(2يا 3 صنف تي پڌل موضوع ڏيو)

مرحلو نمبر 2: هر جوڙي ڏنل موضوع تي هڪ ٻئي سان خيالن جي ڏي وٺ ڪري.

مرحلو نمبر 3: هر شرڪت ڪندڙ پوء انهن سان لاڳاپيل پائيوارن جي راء / تجربي جي ڏي وٺ ڪري.

مرحلو نمبر 4: سهولت ڪار انهن نقطن تي روشني وجهن تي ڪيئن صنفي شموليت سان پوليس اسٽيشن جي ماحول کي سهڪاري بنائي سگهجي ٿو.ان کان علاوه فعال پڌڻ جي اهميت کي سهولت ڏيندڙن طرفان نمايان ڪيو وڃي.

## ڏينهن 3

### سيشن 1: مواصلاتي مهارت: عورتن ۽ مخنث کي سٺي نموني سان ٻُڌڻ.

مقصد

- شڪايتن کي رڪارڊ ڪرڻ ۽ صنف سان لاڳاپيل ڪيسن کي ٻڌڻ لاءِ ٻڌڻ جي صلاحيتن کي وڌائڻ لاءِ

وقت گهربل: 30 منٽ

گهربل ذريعا: سفيد ڪاغذ، پينسل / مارڪر

طريقو:

مرحلو نمبر 1: هڪ جوڙو انٽرويو واري ڪاروائي جو ڪردار ادا ڪري .باقي شرڪت ڪندڙن کي انٽرويو جا نوٽس وٺڻ گهرجن.

مرحلو نمبر 2: هر هڪ جوڙي کيانٽرويو لاءِ هڪ موضوع ڏنو وڃي، جنهن ۾ عوامي هنڌن تي عورت ۽ مخنث کي هراسان ڪيو ويو آهي.

بچيلSurvivor(عورت يا مخنث) سان گڏ انٽرويو

مجرم جو انٽريو(مرد)

شاهد سان انٽرويو(عورت)

مرحلو نمبر 3: جوڙا جيڪيڪردار اداڪن ٿا، هڪ هڪ ڪري، انٽرويو ڳنڍيل معلومات سان گڏ ڪيا ويا آهن.

مرحلو نمبر 4: هڪ بحث مباحثو ڪيو ويو آهي تہ صنفي انحصار واري مواصلاتي قابليت سانانٽرويو ڪيئن وڌيڪ بهتر ٿي سگهيو پيءِ.

### سيشن 2: عورتن ۽ مخنث Transgender سان لهہ وچڙ ۾ زبان جي لهجي جي شدت

مقصد

- ساٿي عورت اهلڪار سان يا عورتن ۽ مخنث شهرين سان گفتگو ڪرڻ دوران مباحثن جي رابطي واري صلاحيتن کي وڌائڻ

ضروريوسيلا: نوٽس ۽ قلم

وقت: 20 منٽ

طريقو:

مرحلو نمبر 1 :هر شرڪت ڪندڙن کي ڪاغذن تي 3 جملا لکڻ لاءِ چيو ويندو جيڪي هو پنهنجي ساٿي عورت پوليس اهلڪار (سينئر يا جونيئر) ۽ پين شهرين سان ڳالهائيندوآهي

مرحلو نمبر 2: هر هڪ شرڪت ڪندڙ پنهنجي لکيل جملن کي ٽن طريقن سان پڙهي.

- گهٽ شدت
- وچولي شدت
- تيز شدت

مرحلو نمبر 3: شرڪت ڪندڙن کي چيو ويندو.

- شدت جي هر سطح ۾ پڙهڻ جو اثر ڇا هو؟
- توهان عام طور تي ڪهڙي سطح استعمال ڪندا آهيو؟
- توهان هر سطح تي پر سڪون آهيو؟
- وڏي آواز يا گهٽ شدت سان پنهنجي پيغام پهچائڻ جي ڪهڙي اهميت آهي ؟

مرحلو نمبر 4: روزانہ استعمال ٿيندڙ جملن يا بيان جي اهميت ۽ شدت تي بحث ڪندي ان ڳالهہ کي پڌرو ڪرڻ تہ انهن جو عورتن مخنث ۽ عورت پوليس اهلڪارن تي ڪهڙو اثر پيو ٿو.

مرحلو نمبر 5: صنفي نوعيت جي تشدد واري ڪيسن جو حل

مقصد

سيشن 3:عورتن ۽ مخنث سان معاملو ڪرڻ ۾ جذبي ۽ همدردي لاءِ

ڪُل وقت: 90 منٽ

طريقو:

مرحلو نمبر 1: شرڪت ڪندڙن کي چار ٽولن ۾ ورهايو ويندو: هر گروهہ کي هڪ موضوع ڏنو ويندو.

- زنا کان بچيل Rape Survivor
- مخنث جي تذليل
- گهريلو تشدد جي زندگين
- هڪ مخنث تبعيض خلاف هڪ ڪيس داخل ڪرائي ٿو.

مرحلو نمبر 2: هر گروپ کي ڏنل موضوع تي بحث ڪرڻ لاء 10 منٽن ڏنا ويندا.

مرحلو نمبر 3: ان کان پوءِگروپ کين ڏنل موضوعن تي ڪردار ادا ڪندا؛ هڪ شهري جي ڪردار ادا ڪندو، باقي باقي ميز تي پوليس اهلڪارن جو ڪردار ادا ڪندا .

مرحلو نمبر4 :ڪردار اداڪرڻ جي مرحلي جي اختتام تي، هڪ بحث مباحثو ڪيو ويندو، ته عورتن ۽ مخنث جي معاملن ۾ صنف تي مبني تبعيض ۽ تشدد جي معاملن ۾ رويي ۾ سڌاري جي ضرورت آهي.

## سيشن 4: انساني حقن ۽ آئيني حقن جي روشني ۾ پوليس اسٽيشن جي طريقيڪار جي جانچ ڪندي

**مقصد**

سنڌ پوليس ۾ موجوده قانون، پاليسين ۽ عملن تي پوليس عملن جي سمجهڻ جو جائزو وٺڻ.

گهربل وقت: 60 منٽ

طريقو:

مرحلو نمبر 1: مقامي قانون، پاليسين ۽ عملن تي شرڪت ڪندڙن ۾ هڪ بحث مباحثو (ضميمہ II).

مرحلو نمبر 2: شرڪت ڪندڙن کان بيان ڪيل پريڪٽس جي سڃاڻپ.

- صحيح طور تي لاڳو تي
- سڌاري جي ضرورت آهي.

مرحلو نمبر 3: شرڪت ڪندڙن کان پڇيو ويندو ته صوبي جي سيني اسٽيشنن ۾ ڪهڙي سڌاريءِ ڪهڙي عمل کي اپنائڻ جي ضرورت آهي .

صنف جي حوالي سان مفهوم، رويي ۽ رعايت رڪارڊ سان تربيت جي پڇاڻي .

## Handout of Stereotypical Phrases

| | |
|---|---|
| Mard roanda Nahin | مرد روئندا ناهن |
| Auraton Gila kndion Ahin | عورتون غلا ڪنديون آهن |
| Aurtan wangy nazuk | عورتن وانگي نازڪ |
| Mardn wangy taqatwar | مردن وانگي طاقتور |
| Zar, Zan, en Zameen fsad ji jar Ahin | زر، زن، ۽ زمين فساد جي جڙ آهن |
| Pathan Mard | پٺاڻ مرد |
| Kashmiri Chhokri | ڪشميري ڇوڪري |
| Burqy waryon Auraton | برقعي واريون عورتون |
| Darhi wara mard | ڏاڙهي وارا مرد |
| He Ghar wasain wari Aurat Na Ahe. | هي گهر وسائڻ واري عورت نہ آهي |
| Randi ji kehri Izzat | رنڊي جي ڪهڙي عزت |
| Khadrra | کدڙا |
| Thany achann ta un jo roz jo km Ahe. | ٿاڻي اچڻ تہ ان جو روز جو ڪم آهي |
| Bar tuhinji zal peda krna Ahn toke mokl chho khapy | ٻار تنهنجي زال کي پيدا ڪرڻا آهن. توکي موڪل ڇو کپي |
| Mokal Chho Khapy | موڪل ڇو کپي |
| Ehrri Jagah te bdle kndosai jo Aqul Thhikany achi wenda | اهڙي جڳہ تي بدلي ڪندو ساءِ جو عقل ٺڪاڻي اچي ويندئي i. |
| Tokhe he asagnment chho khapy, tuhinjy was ji galh | توکي هي اسائينمنٽ ڇو کپي ؟ تنهنجي وس جي ڳالھ ناهي nahy. |
| Mardn je Thany M station house officer thi chha kanden | مردن جي ٿاڻي ۾ اسٽيشن هائوس آفيسر ٿي ڇا ڪنديءَ |
| He etro wado kes nahy, he th aurton ba Hal kre wathan. | هي ايترو وڏو ڪيس نہ آهي، هي تہ عورتون ٻہ حل ڪري وٺن. |
| Ton mard thi kre he case khan khan ankar kren piyo | تون مرد ٿي ڪري هي ڪيس کڻ کان انڪار ڪرين پيو |
| Bandooq khani Saghden, he tokhan wadheeq Gari AAhe. | بندوق کڻي سگهديئن، هي توکان وڌيڪ ڳري آهي، |
| Tafteesh kre sadhandea | تفتيش ڪري سگهديئن، |
| Km nathi kre Saghen ta Ghar me rah en bar peda kr. | ڪم نٿي ڪري سگهين تہ گهر ۾ رہ ۽ ٻار پيدا ڪر. |
| Khadrran jot a km e nach ann Gainn Ahe. | کدڙن جو تہ ڪم ئي نچڻ ڳائڻ آهي |
| Buzdil na thi | بزدل نہ ٿي |

## Handout for Gender Neutral Terminology[32]

| لفظ | جنسي نوعيت جا متبادل لفظ | وجہ |
|---|---|---|
| مردMan | Person, Individual<br>شخص يا فرد | هڪڙي صنف غير جانبدار لفظ مناسب آهي ۽ ڪنهن شخص ڏانهن اشارو ڪري ٿي |
| Policeman<br>پوليس وارو | Police Officer<br>پوليس افسر | جڏهن صنفي غير جانبدار لفظ استعمال ڪيو وڃي تہ پوليس آفيسر استعمال ڪريو. |
| Chairman<br>چيئرمين | Chair or Chairperson<br>چيئر پرسن | لفظ 'چيئرمين' جو لفظ اهو تاثر ڏئي ٿو تہ فقط مرد صرف هن ڪردار کي پورو ڪري سگهي ٿو |
| Manning table<br>مينڻگ ٽيبل | Staffing table<br>اسٽافنگ ٽيبل | لفظ 'مينڻگ' جو استعمال اهو تاثر ڏئي ٿو تہ صرف مرد ئي اهو ڪري سگھندا آهن. |
| The common man<br>اوسط درجي جا مرد | The average person<br>اوسط درجي جا ماڻهو | مرد لفظ استعمال ڪندي عورتن کي شامل نٿو ڪري |
| Fireman<br>فائيرمين | Fire-fighter<br>فائر فائيٽر | مرد لفظ استعمال ڪندي عورتن کي شامل نٿو ڪري |
| Boys and girls<br><br>Men and Women | Men and women or women and men<br>ڇوڪرا، ڇوڪريون<br>مرد ۽ عورتون | بالغن جي هڪ گروپ جي حوالي سان متوازي شرطن جو استعمال ڪريو. |
| Maam have a seat<br>سائڻ هتي ويهو<br><br>Maam please wait here<br>محترمہ انتظار ڪيو<br>Maam, Brother, Sir, Uncle<br>ادي ڀيڻ، ڀاءُ، سر چاچا | محترمہ، مس، سائڻ<br>سر، محترم | سٺو لهجو استعمال ڪندي احترام سان مخاطب ڪريو |
| عورتن وانگي چوڙيون پايو<br><br>Behaving like transgender<br>کدڙن واريون حرڪتون | The colleagues behavior was (specify) | امتيازي تعصب جي خطري کان سواءِ |

[32]Adopted from UN Police Gender Toolkit, 2015, Retrieved from: http://repository.un.org/bitstream/handle/11176/387374/United%20Nations%20Police%20Gender%20Toolkit%20Handbook.pdf?sequence=51&isAllowed=y Date of Access: March 7, 2018

## List of Woman related General Laws (amendments in provisions of Pakistan Penal code and Criminal Procedure Code) and Special Laws at Federal and Provincial Levels

## عورت متعلق قانون، پاڪستان جي صوبن ۾ انهن جي ترميم، پينل ڪوڊ ۽ ڪرائيم پروسيچر ڪوڊ ۽ وفاقي سطح تي خاص قانون

### Federal Laws — وفاقي قانون

1. Hadood Ordinance (Offences of Qazaf), 1979 (Section 7, 14).
2. Qiyas & Diyat Ordinance, 1997 (PPC: 310).
3. Criminal law (Amendment) Act-2004 (PPC-295-C, 56 -B Cr. P.C, PPC 302, 310, 311)
4. Criminal law (Amendment) Act 2005 ( PPC: 310-A, 332)
5. Protection of Women (Criminal Law Amendment) Act 2006 (Cr. P.C 167, 203-A, 203-B, 203-C PPC: 354, 354-A, 364 A, 365-B, 366-A, 366-B, 367A, 371A, 371B, 375(V), 493, 496A, 375, 376, 496 B, 496-C).
6. Acid Control / Acid crime Prevention (Criminal law Amendment) Act 2009 ( PPC: 332, 336-A, 336-B)
7. The Protection Against Harassment at the Workplace Act, 2010
8. Criminal Law (Amendment) Act 2010 (PPC 309, 509)
9. Criminal Law (Third Amendment) Act 2011 (PPC: 310 A, 498-A,498-B,498-C, Cr. P.C 497)
10. Criminal law (Amendment ) Act-2016 (PPC: 82,83,292-A,292-B,292-C,328-A,369-A ,377 A)
11. Criminal Law (Amendment ) Act-2016 Offenses related to Rape and Honour Crimes; ( PPC-55,PPC-166,PPC-186,PPC -376 A, Cr. P.C 53 A,154,161 A,164 A ,B)
12. Equal Rights of Women Prisoners written in Cr. P.C & Jail Manual

### Right Provided to Women under Family Laws

13. The Dissolution of Muslim Marriage Act, 1939 , Section 2
14. Muslim Family Laws Ordinance, 1961, Section 5,6,7, 8, 9, 10
15. The West Pakistan Family Courts Act, 1964, Section 5, 17-A,
16. The Guardians and Wards Act , 1890
17. Family Law Courts, (Amendment) Act, Child Marriage Restraint Act, 1929
18. Dowry and Bridal Gifts (Restriction) Act, 1976, Section 3, 6, 9

### Provincial Laws (Sindh) — صوبائي سطح تي قانون (سنڌ)

A. **Women Protection Laws**
   1. Sindh Child Marriage Restraints Act of 2013 (penalises marriage of both males and females below the age of 18 years);
   2. Domestic Violence (Prevention and Protection) Act of 2013 (provides for, inter alia, formation of; commission mandated with extraordinary powers of suo motu on the issues of domestic violence, protection committees at district level and appointment of protection officers);
   3. Sindh Commission on the Status of Women Act of 2015;
   4. Criminal Law (Amend.) (CLA) 2004 (PPC 302);
   5. CLA (2006) (PPC 365 B, 371 A, 371 B, 364 A, 375(V));
   6. CLA 2010 (PPC 309);
   7. CLA 2011 (PPC 310 A, 498 A, 498 B, 498 C);

8. Sindh Human Rights Protection Act-2011
9. Sindh Hindu Marriage Registration Act-2016
10. The Code of Criminal Procedure (Sindh Amendment Act)-2017 (CLA 2016 (Offenses related to Rape and Honour Crimes)) (Cr. P.C: 156-C Mandatory DNA Testing in Rape cases,156-D,Preservation of DNA Evidence)
11.

**B. Juvenile Justice System and Child Protection**

1. Sindh Children Act-1955 (special offences with regards to children section 48-58) with co-relation to girl child)
2. Juvenile Justice System Ordinance 2000 and 2002 Sindh Rules with latest amendments;
3. Criminal Law (Amend.) 2016 (PPC 292 A, B, C Child Seduction, Pornography, 377 A Child Sexual Abuse, 328 A Cruelty to Child, 369 A Human Trafficking);
4. Sindh Child Protection Authority Act 2011;
5. Sindh Human Rights Protection Act 2011;
6. Sindh Child Marriage Restraint Act 2013 (mentioned above in A (1));
7. Sindh Domestic Violence (Prevention and Protection) Act 2013 (Woman, Children, Vulnerable which may include Transgender, Disabled or Elder person);
8. Sindh Bonded Labour Abolition Act 2015;
9. Sindh Prohibition of Child Labour Employment Act 2016;
10. Sindh Prohibition of Corporal Punishment Act 2017;
11. Islamabad Capital Territory Child Protection Bill 2018 (protect children from violence, abuse, exploitation and neglect).

**Constitutional Rights[33]** **آئيني حق**

1. Rights of life and liberty
   a) Right to life and liberty (Art.9);
   b) Safeguard as to arrest and detention (Art.10);
   c) Right to fair trial (10-A)
   d) Protection against retrospective1 punishment (Art.12); and
   e) Protection against double punishment (Art.13).
2. Rights to Equality (irrespective of gender, race, religion, caste, residence)
   a) Equality before law (Art. 25);
   b) Right to free and compulsory education (25-A)
   c) Equality regarding accessibility to public places (Art. 26);
   d) Equality of employment (Art. 27); and
   e) Inviolability of dignity of man (Art. 14)
   f) Inadmissibility of confession under custodial torture (14(2)).

[33] Retrieved from https://papers.ssrn.com/sol3/papers.cfm?abstract_id=2484371 Date of Access: March 13, 2018

## اداري ڪان آگاهي

انڊويجوئل لينڊ پاڪستان تحقيق تي مبني هڪ ادارو آهي، جيڪو طرز حڪمراني، قانون جي بالادستي، ميڊيا، پوليس جي اصلاح، نوجونن جي ترقي، امن جي قيام ۽ جمهوريت جي فروغ لاءِ2007 کان ڪم ڪري رهيو آهي. انڊويجوئل لينڊ پاڪستان مختلف سرگرمين ذريعي اسٽيڪ هولڊرز کي پنهنجي پراجيڪٽس ۾ شموليت جو موقعو فراهم ڪندو آهي. جن ۾ ڪيپيسٽي بلڊنگ ورڪشاپ، فوڪس گروپ ڊسڪشنز، تحقيق تي مبنيطباعت، ميڊيا ڪيمپينز، ڊاڪيومينٽريز، آزيومينٽريز ۽ ٽاڪ شوز وغيره شامل آهن. انڊويجوئل لينڊ جي اسٽاف ۾ تجربڪار فرد شامل آهن جيڪي تحقيق، ايڊووڪيسي، مينيجمينٽ ۾ مهارت رکن ٿا. انڊويجوئل لينڊ جا صوبائي ڪوآرڊينيٽرز ڪيترن ئي پنهنجن پنهنجن ضلعن ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن.

www.individualland.com/FIRM info@individualland.com

**Find us on Facebook and Twitter**

**INDIVIDUALLAND**